# پڙاڏو سو سَڏ

November 3, 2007 at 11:22 pm | In Folklore, Sindhi, animals, سنڌي |
Tags: dolphins, nature, river dolphin, Sindh, Sindhi, سنڌي



## سنڌوُ بُلهَڻِ جي وِساڻي

انسانن جي ناداني، لوڀَ ۽ آهِنڪارَ ڪري ڪيترن ئي جانورن ۽ پودن جي وِشيشن جي وِساڻي اڳئيي ٿي ويئي آهي. ڪي هفتا ٿيا تہ بي بِي سي خبر ڏني تہ *قدرت بچاءُ جڳ ايڪتائيءَ* ("اِنٽرنيشنل يونين فار ڪانسرويشن آف نيچرُ") پنهنجي رپورٽَ ۾ سورهان هزار ڪان مٿي اهڙن وشيشن جي فهرست ڏني آهي جيڪي وِساڻيءَ جي اوُنداهيءَ جي دَرَ تي بيٺيون آهن.

http://www.iucnredlist.org/

وِساڻي هميشہ لاءِ ٿئي، جيڪي جانور ۽ پودا ڪوڙين ورهين کان هن سنسارَ ۾ هلندا هليا آهن تِن جا اَنگ ايترن ٿورن صدين اندر گهٽبا ويا ٿين جو سندن قِسمَ وري ڪڏهن هِن ڌرتي تي وِک نہ ڪٽندا. اِهڙين وساڻين جا ڪيترائي بچڙا اثر پون ٿا



- اسان جوُن اِيندڙَ ٽهيوُن اِهي يگاني جاندارَ ڏسڻ کان نِراس رهنديوُن، تِن لاءِ قدرتَ جو رنگ ٿورو گهٽُ ۽ جهان جا نِرالا آواز ويتر خاموش هوندا - جڻُ وَرڪاڪَ (ورڪا يعني مينهن جي اِندِ لٺِ) مان ڪي رنگَ ڪُتَلَ هجن. رڳوِانهن جيُوَدارن جا فوٽا ڏسي سگهبا. پاسي فوٽوُن ڏکڻ

آمريڪا ۾ سئر ڪندڙن جو آهي جيڪي امیزان نديءَ ۾ ٻيڙيءَ تي ٻُلهَڻِ ڏسڻ وڃن پيا. قدرت ۾ جانورَ ڏسڻ سان انسانن جي گهٽي روح رهاڻ ٿئي ٿي ـ اهڙن سئر ڪندڙن جي سِٽَ ڪري مقامي ڌَن ۾ مليَنن ڊالرنِ جي اُپت پوي. سنڌي محمان نواز ماڻهون دنيا جي لکين سئر ڪندڙ شوقينن جي محماني ڪرڻ کان نِراس رهجي ويا آهن جيڪي اهڙا يگاني جانور ڏسڻ لاءِ گهڻا پنڌ ڪن ٿا.

ـ قدرت جي هموزني کي نقسان رسندو.. اِنسان گهڻن جاندارن ۾ رڳو هڪڙو جاندار آهي. سندس گُذر هِتي قدرت جي هموزني کي ٽَڳائڻ ۽ نہ ٽِڳائڻ سان مُمڪن آهي، قدرتَ سان هم آهنگي ڪري رهڻ اِنسان وشيشُ ٽَڳندو.

ـ انسان کي ڪو اخلاقي حق ناهي جو ٻين وِشيشن جي نسلَ وساڻِي ڪري. وِساڻي ٿيڻ کان اڳُ ڪيترن ئي جانورن جو جيئاپو آزارُ تي ويندو آهي . ٻوُٽن جي وِساڻي سان اُنهن تي جن جانورن جو گذر مدار آ، تن جي جياپي تي اثر پئي ٿو. اسان جي روايتِي عقيدي موُجب اُنهِن بيگناهن جي ڏُکن سوُرن جي آهَ انسان ذاتِ تي پِٽَ لڳائيندي.

جي هن وِگياني دورَ ۾ پِٽَ جي ڳالهہ اسان نِرالو وهمُ ٻِ ڪٽِي ليکيئون، تہ ٻہ سوچڻ جي ڳالهہ آهي ، تہ جن انسانن جا اهڙا ڪرتوُت آهن جيڪي ٻين وشيشن جو وُجود پورو ڪندي ڪو ارمان نہ ٿا ڪنِ، ڇا تِن جي سوچَ اهڙي ناهي جو بربادي رسائيندي هلندي؟ ڇو تہ ڌرتي هِڪ ٻيڙي جِئان ڇئجي جنهن ۾ هرُ مسافر گَڏُ سفرُ پيو ڪري، تنهن ڪري سِينَ انسانِ کي ٻين انسانن جا

ڪرتوُت پوڳڻا پوندا. فارسي ۾ چوڻي آ، ”طمع را سِہ حرفِي، سہ حرفي خالي“ (لوبَ ۾ ٽي اکر آهن، ٽي ئي خالِي، جو انهن اکرنِ ۾ ڪو نُقتو ناهي).

جاندارن جي وِشيشن جي وِساڻي جا ٽي ڪارڻ آهن: ٽيئي انسانن جي ڪوتن ڪمن ڪري

1. شِڪار

2. آلايش

3. جيئاپي جي وسيلن (زمين، پاڻي، وغيرا) تي انسانن جي بئنڪَ.

## سنڌوُ بُلهَڻ

وساڻِي ڪنڌيءَ آيل وشيشن مان ڪيئي وِشيشَ سنڌ جا رهندڙَ آهن. بِلاگ متي سنڌوُ بُلهڻ (ڊالفن) جو فوتون وڏو اَٿم. اِهو يگاني وِشيشُ بہ وِساڻي جي ڪنڌي تي وڃي پُڄو آهي، جيتوڻڪ سنڌيِ اِنهن جو شڪارُ هاڻي نٿا ڪن. ڪنهن هنڌ پڙهيو هومِ تہ قديم سنڌيِن بُلهڻِن ڪي وڏو مانُ ڏنو هو پر انهيءَ ڳالهہ جي تصديق هيلَ تائين ڪنهن اصُلي تاريخي ڪتابَ مان ڪانہ ڪري سگهيو آهيان. انهيءَ وشيشَ جي ٻي ڏارڪَ گنگا نديءَ ۾ رهي (سُئِزِ ڏيهہ جي جيِوَ وگيانِي جارجُ پِليريءَ پهرين سنڌوُ بلهڻ تي ڪمُ ڪيو ۽ سندس انهيءَ بابت ڪتاب اڄا مياري مجبي آهي. پروفيسر پليريءَ اِنهن ٻنهي بُلهڻِ ڪي بہ ٻيا وِشيشن جا قِسمَ سمجهيا هُئا، پر هاڻي وگياني گنگا ۽ سنڌوُءَ جا بُلهڻ هڪُ ئي وِشيش جا بہ جُدا ڏارڪَ ليکيندا آهن) . ٻِنهي هندن تيِ اِنهيءَ بُلهِڻ جا

انگ ايڏا گهٽ ٿي ويا آهن، جو بچاءُ ڏکيو ٿو لڳي. سنڌوءَ نديءَ ۾ بندش وجهندڙ بيراجن ۽ پاڻي ۾ شهرن، ڪارخانن جي آلايش ، سندن جياپو ڏکيو ڪري وڌو آهي.




جڳَ ۾ نديُن ۾ رهندڙن ٻُلهڻِن جا رڳو ٽي وشيشَ ماڻهن ڏٺا ــ هڪُ گنگا سنڌو ٻُلهڻِ، ٻيو چين جي يانگتسي نديءَ ۾، ۽ ٽيون ڏکڻ آمريڪا جي وڏي نديءَ ايميزان وارو ٻُلهڻِ. هاڻ يانگتسي ندي ٻُلهڻِ، جنهن کي چيني باجيِ ڪوٺيندا هئا ۽ جنهن بابت ڪيئي چيني لوڪَ آکاڻيون هيون، تنهن جي وِساڻي ٿي ويئي آهي. ڪيترن ورهين کان ڳولهيندي جيِوَ گيانين هِڪُ به باجيِ ناهي لڌو. مٿي فوٽون هڪَ باجيءَ جو آهي جِن جي اجُ وساڻي ٿي چُڪيِ آهي. ڪو به هِنَ جهڙو جانورُ وري نہ ڏسيِ سگهندو.

## ٻُلهَڻِ جا گُڻَ



سنڌوُ ٻُلهڻِ ڏسڻ ڪان هيل تائين نِراس رهيو آهيان. سنڌوُ ٻُلهڻِ جو قدُ ۽ اٽڪلَ وزن ماڻهُن جيڏو ٿئي. پرَ سامونڊي ٻُلهڻِ سانتيڪو وڏي سمنڊ ۾ ٻيڙيءَ مان ڏٺا اٿمِ جو اهڙن ٻُلهڻن جي هڪَ وشيشَ جا ٽولا هوائيِ ٻيڙنِ پاسي گهُمندا آهن ۽ ترِن ڪي ڏسڻ ٻہ ٽي وارَ ويو آهيان. . سامونڊيِ ٻُلهَڻن جو ماڻهنِ ڪان ٻيڻ ٽيڻ وزن هوُندو آهي، ۽ سندن قَدُ ڏيڍوُڻ. ٻُلهڻِ پرمَلُ جانور آهيِ؛ هوُ ٻِوڙهنِ (آتَڻُن) ۾ رِلِڻو مِلڻو هُوندو آ. هوا ۾ ٽپَ ڏيڻُ جو شونقُ هوُندو اٿنِ. (پاسي سامونڊي ٻُلهڻيون ڪيڏيندي ڏيکَ جو هڪُ رڱڻُ ڏسندا؛ رنگُ ساز ڪونہ ڄاڻا تہ ڪيِرُ، انهيءَ جو فوٽون مورانيِيِوَ نالي هڪ عڪاسَ ڪٺي ڇڪيو آهي).

گڏيل قومن پسگردائي سِٽائِڻي سالُ 2007 کي ٻُلهڻِ جو سالُ مقرر ڪيو آهي. ٻُلهڻيون اوَهَدار جانورَ آهن (سندن ٻارَ پنهنجي مائُرن جو کيِرُ پِيَن). توڙي ٻُلهڻِ پاڻي ۾ رهي ۽ ٺاهوُڪو تاروُ ٿئي، هُن کي ساهَ کڻڻ لاءِ پاڻي مَٿُ اچڻو پوي ڇاڪاڻ تہ اَوهَدار جانور هوُندي، مڇين وانگر پاڻي مان ساهُ کڻي ڪونہ سگهي. جيڪي ٻُلهڻِ نديءَ ۾ رهن سو ٽُٻيون هڻي درياهہَ جي ترائين تائين پُڄي سگهنِ ۽ پنهنجو ساهُ ڪيئي منٽ جهلي سگهن. سمنڊ ۾ رهندڙ سوين ميٽرَ هيٺ گهراين ۾ پُڄَنِ.

ٻُلهڻِ کي ساهَ کڻڻ لاءِ سدائين پاڻ اوجاڳو ڪرڻو پوي، پرَ ٻين مُرڪب دماغ وارن جانورن وانگر نِنڊ جي ٻہ گهڻي گهرج اٿسِ.. تنهن ڪري ٻُلهڻِ نرالي ڍنگ جي ننڊ ڪندي آهي، جنهن ۾ اَڌ

دماغ سُتل تہ اڏ جاڳيل ! (جنهن ڳالهہ جي تصديق سندن دماغي ڦرڪڻ جي چانث سان بحري جيِوَ گيانين ڪئي آهي). نِنڊَ ۾ ٻُلهڻِ جي هِڪ اک بند، تہ هِڪ اک کليلِ، ننڊ روزاڻ ڪلاڪ اِينئي ڪري.

ٻُلهڻِ جو دماغُ چڱو وڏو هوندو آهي. گهڻيئي ڳالهيون ياد رکي سگهي. هڪُ ٻي سان ٻُلهڻيون ڪچهري بہ ڪنديوُن آهن پر تِن جي ٻولن جي مُرادَ اجا وگياني پوري ڪونہ سمجهي سگهيا آهن.

## پڙاڏي تِڪاڻو لهڻُ

پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جي لَهِين؛
هُئا اَڳِهين ڳَڏ، ٻُڌڻ ۾ بہ ٿيا.
(شاه)



ٻُلهَڻِ سڏَ ڪري شئين مان پڙاڏا ٻڌِي تِنِ کي پرکندو آهي. هِڪَ سڪينڊَ ۾ 800 ٽِڪِ ٽِڪِ جا سَڏَ ڪري تِنِ آوازن جي ڦرڪڻ جي اولڙائي مان قدُ بتُ ۽ روپ پرکي ۽ حسابَ ڪڍي ته نه رڳو کهڙي نڪاٽي تي پراڏو ڏيندڙشئي آهي پرَاِها کهڙي شئي آهي. بيشڪ پرکڻ بِنا شئِيُن جي ڪا پنهنجي حقيقت ناهي، هرَ شيِءَ گڏيل هيڪائي آهي؛ اينئين چئجي ته پڙاڏو به هڪ وائي آهي جيڪو ورُ ٻڌي ٻُلهڻِ شئين جي ٻيائي ٽو پرکي! (منهنجي چوڻ جو مقصد هيءُ ناهي ته مانکي ڪا پڪَ آهي ته شاهه سائين جي مٿين بيت مان ڪا اِهڙي مُراد هُئي؛ ڄاڻان ٿو ته روايت مؤجب ٻي مُرادَ ڪڍندا آهن). چو ته پاڻيءَ ۾ جيَ سان ڳالهائڻ ڏکيو ٻُلهَڻِ ٽِڪِ آوازَ مٿي تي ڦوڪڻِي ٽُنگ مان هوا کي ٻاهر ڪڍي وڃائي. ٽڪ جي رفتار ۽ سڏَ جي خاصيت ڦوڪڻِي ٽُنگَ کي سُسائي ۽ وڌائي ڦيرائي. اهڙيءَ رِيتِ ٻُلهَڻِهڪَ ٻي سان ڳالهائيندا به آهن.

**پڙاڏي نِڪاٽو لهڻَ** مان پراپَتِ هيءَ تهِ انهي ڪاريگري هلندي ڏينهن هجي توڙي راتِ جي اونداهي هجي، نديءَ جي پاڻيءَ ۾ لَٽُ هجي، يا سمنڊَ جي پاڻيءَ ۾ لوُڻُ هجي، توڙي اهڙن سببن ڪري اِها شئي اکُين سان ڏسي به نه سگهبي. پڙاڏي نِڪاٽي لهڻَ جي ڪاريگريءَ ۾ هاڻي وگياني به ماهِر ٿيا آهن... **نادُ ماپڪ** اوزار ناهيا ويا آهن جيڪي اَتِي آوازَ هڻِي (اُتِي آوازَ معنا جن جي ڦرڪڻي رفتار انساني ڪَنَنِ پرکڻائي آوازَ کان گهڻو مٿي)، پيٽ سان مايُنِ اندرُ ٻَچُ (گَرڀُ)، ڪيڪڙائي ڪُٽيا، ۽ سريرَ اندر ماسَ تَنتوُ ڏسي سگهجن ٿا.

سنڌُ وُ ٻُلهڻِ ته اکين کان ڏسڻ جي قابليت ئي ذري گهٽ وڃائي ڇڏي آهي. ٻُلهَڻِ پنجاه مليَنَ ورهيه اڳُ سُڪي ڇڏي پاڻيءَ ۾ رهڻ لڳو. ڪيئي ملين ورهيه اڳُ انهن مان ڪي ندي ڏانهن ويا ۽ اُتي

رهڻ ڪارڻ ڦرندا وانگي ٿيا. سنڌوءَ ۽ گنگا ۾ رهي اوسراٽپي قانونُ موجب اِهو ڦيرُ آيو اٿسِ جو سنڌوُ درياهَہ ۾ لَٽُ ايڏو ٿئي جو پاڻي اندر ڏسڻ مُمڪن ناهي. (جيڪا شئي ڪم جي نہ رهندي آهي، جيِوَ گيان ٻڌائي ٿي تہ قدرتَ اِنهيءَ کي ٿهيُنِ وچ ڦيريُنِ ٿيندي اوسراٽپي جي قانون موُجب نيٺ وڃائي ڇڏيندي آهي). هونئن ٻُلهَڙِ ۽ انسانن جي دماغن ۾ ايڏو فرق ناهي; ڪِن ٻُلهَڻي وشيشن جي ميجالي جو وزن اٽڪل اِنسانن جي ميجالي جيڏو آهي. ٻُلهَڙِ ٿورڙن جانورن وانگر پنهنجي عڪسَ کي آرسيِءَ ۾ سڃاڻي سگهن ٿا.

http://dsc.discovery.com/news/briefs/20041108/dolphin.html

## اِنسانن سان ٻُلهَڻِن جو خاص ناتو



ٻُلهڻيون هڪَ ٻي سان راندين ڪرڻ جون شونقين ليڪبيون آهن. پرَ قديم رومي وگيان پلينسُ هڪ ڇوڪري ۽ ٻُلهَڙِ جي سنگت جي آکاڻي پڻ ٻڌائي ٿو. ٻُلهَڙِ ڇوڪري سان روز ملندو هيو. (پاسي فوٽوُن ۾ مائيِ ۽ ٻُلهَڙِ جو جن پاڻ ۾ سنگتَ ڪئي آهي; اهڙِي سنگت ڏاريندي ٻُلهَڙِ کي تربيتَ پڻ ڏيئي سگهبي آهي).

ٻُلهَڙِ هڪ ٻي جو درد بہ سڃاڻن. جڏهن ڪو زخمي ٿي تہ ٻيا هن جي پاسي رهن ۽ تنهن کي ساه کرائڻ ۾ مدد ڪنِ. ساڳي ريتَ ويَمَ مهلَ بہ ٻيا ٻيا ٻُلهَڙِ اچي مدد ڪندا آهن. قديم يوناني فلسفي

ارسٽاٽلَ ٻڌائي ٿو تہ ٻُلهَڻِ ٻُڏندڙ انسان کي بچائي سمنڊ جي ڪپ تائين پُڄايو آهي. تاريخ ۾ مشهور يوناني ملاحَ اوڊيسيئس جي پُٽَ ٽيليماخسُ جو نالو ملي ٿو جيڪو زري گهٽ ٻڏي ويو پرَ ٻُلهَڻِ کيس پاڻ تي چاڙهي پُڄايو. ڪي ماڻهون هنن پُراڻين ڳالهين کي ڏند ڪٿائون ليکيندا آهن. پر اهڙين ڳالهين جي اَڄُ ڪَلهہ بہ وقت بوقت اسان کي خبرون ملنديون ٿيون رهن.

“There are lots of modern-day stories about people being saved by dolphins from shark attack and other desperate situations at sea. The accounts all have one thing in common - the dolphins have helped people with no apparent benefit to themselves. Here are some of the documented accounts we know about. Last year, a group of four New Zealand lifeguards were convinced they had been protected from sharks by a group of dolphins who swam in tight circles around them, thus preventing the sharks from coming close enough to attack.

In May 1978, a boat load of people were lost in thick fog off the coast of South America. Four dolphins nudged the boat through dangerous water and saved many lives.

Another dramatic account was reported in 2001 by a group of fishermen from South Carolina in the US. Their boat sank 50kms away from shore and they found themselves surrounded by sharks. A group of dolphins arrived and proceeded to drive the sharks away. They remained with the fishermen all night and the following day, warning off any sharks that came near.”

http://www.wdcs.org/dan/publishing.nsf/allweb/7B8130ABC27055D4802570B90050ABD8

اجا بہ ڪِن هندن تي ٻُلھَڻ ۽ لڳاپيل ساموندي اوھدرا جانورَ وهيلَ کي مارنِ ٿا. ساموندي ٻُلھَڻ جا ٽولا ڪِن مڇين جي ٽولن جي پِرَ ۾ هوندا آهن. تنهن ڪري کي ٽيوُنا مڇي مارينڌڙ ماڇي سمنڊَ ۾ ٻُلھَڻ جي ڳولھا ڪندا آهن. جو تہ ٻُلھَڻ ساهُ کڻڻ لاءِ مٿي ايندا آهن ۽ تنهن ڪري پريان پڌرا. وري وڏن جهازن ۾ هاٽي اهڙا جار ٿا ڪتب آڻِين جن جي ميلن جا ميلَ لامَ ٿئي ۽ جنهنجي ڏڳَ ۾ ٻُلھَڻ بہ ڦاسي پون تہ ٻيون بہ ڪيتريون مڇيون مارجي وڃن جنکي ماڻهون ڪونہ کائن.

## ٻُلھَڻِين جي بچاءَ لاءِ مُهمَ

ٻُلھَڻِين بچاءُ لاءِ ڪِنِ قياسُ رکندڙ سخي دل مردن ۽ زائفن پنهنجي زندگي ارپائي ڇڏي آهي. تنهن لاءِ ڪي تنظيمون پڻ ڪم ڪن پيون. هيٺ فوٽوُن آمريڪا جي شهر فرانسِسڪو ۾ هڪ ڏرڻي جو آهي.

http://www.wdcs.org




سنڌوُ ٻُلھَڻ بچائڻ لاءِ هزارَ ماڻهن اَرداسَ ڪئي آهي: توڙي پاڪستان ڪاسانڪ (خوُن ريزُ) حاڪمن جو ضمير ڪنهن ڳالھ لاءِ جاڳائڻ ڏکيو آهي، اوهان بہ پنهنجو نالو اِنهيءَ ارداس ۾ درج ڪري سگهو ٿا تہ گهٽ ۾ گهٽ اوهان جو نالو چڱن جي ساٿُ هوُندو۔

http://www.thepetitionsite.com/takeaction/595915416

مان بہ ڪيترائي ورهيہ ٿيا هوُندا تہ پنهنجي جوانيءَ ۾ ٻُلهَڻِ ۽ سندس ويجهن مائٽ وشيشَ ”وهيلَ“ جي بچاءُ جيِ مُهم ڪي خوش خذمت سپاهي ٻڌجي پنهنجو وقت ڏنو. جي ٻُلهڻِ انسان جو درد سمجهي سگهي ٿو، تہ اِنسانَ ڪي بہ ايترو احساسُ تہ ٿئي ٿو تہ دردُ هرَ مرونءَ پسونءَ ڪي پڻ ٿئي. اسان بہ اهو احساسُ ڪندي تنهنڪي پنهنجي دردَ سان پيٿي سگهوُن ٿا،

ڪُونجڙِيءَ ڪالَهہ لَنئِي، سَجَڻَ وِڌمِ چتِ؛
آءٌ جِنين رِءَ هتِ، گهنگهرَ گهارِيان ڏِينهَڙا.

)شاه(

اِهڙو احساس ڏاريندي اسان جي دلين ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ لاءِ لُڇڻَ جو ڪارڻ بڻجي وجي ٿو. اسان جي همدردي هرَ درد مند سان ٿيڻ گهرجي .سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ پِٺَ ڏٺِي قياس منجهان بہ پوُنگرا ڏاريا جن جي ماءُ لاپتا هُئيِ .انهن تي نالا موتيِ ۽ ڪينوُ رکيا هئائوُن ۽ روايت ٻڌائي تي تہ اِهي ٻئي ڪُتا ساٿُنِ پنهنجي سڄي ڄمار گڏ پنڌَ ڪندا هلندا رهيا (ڪُتَنِ جو آيوُ دمُ لڳ ڀڳ پندرهان ورهيہ ٿئي).

هينين وڊيو ۾ بلهڻيون ترندي ڏسندا. وِڊيو هوائي بيٽن ميڙ پاسي پاڻيءَ اندر سِڪوُبا ٽوٻوُءَ چِڪي آهي.

http://youtube.com/watch?v=xW3290Bh988